SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1996

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1996

# رجسٽريشن ( سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1996

# THE REGISTRATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1996

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1908 جي ايڪٽ نمبر VXI جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of section 17 of Act VXI of 1908

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1996

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1996

# رجسٽريشن ( سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1996

# THE REGISTRATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1996

[28 ڊسمبر، 1996 ]

آرڊيننس، جنهن ذريعي رجسٽريشن ايڪٽ، 1908 ۾ ترميم ڪري سنڌ صوبي ۾ اطلاق ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ رجسٽريشن ايڪٽ، 1908 ۾ ترميم ڪري سنڌ صوبي ۾ اطلاق ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن طريقي سان ٿيندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس

جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي رجسٽريشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1996 سڏيو ويندو.

(2)هيءُ في الفور نافذ العمل هوندو.

1908 جي ايڪٽ نمبر VXI جي دفعه 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Act VXI of 1908

2. رجسٽريشن ايڪٽ، 1908 ۾ سنڌ صوبي ۾ اطلاق ڪرڻ لاءِ دفعه 17 ۾ دفعه شق (e) کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل کي شامل ڪيو ويندو:

”(f) پاور آف اٽارني جڏهن اٽارني کي ڪنهن غير منقولا ملڪيت کي وڪڻڻ جو اختيار ڏنو هجي:

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**